SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2005

# SINDH ACT NO.I OF 2005

# سنڌ خاص معاون (مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2003

# THE SINDH SPECIAL ASSISTANTS (APPOINTMENTS, POWERS, FUNCTIONS, SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2003

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اثرانداز ٿيڻ
Overriding effect

4. مقرري ۽ آفيس جو مدو
Appointment and term of office

5. پگهار
Salary

6. ذاتي خرچ پکي جو الائونس
Sumptuary Allowance

7. ٽرانسپورٽ
Transport

8. سرڪاري رهائش

Official Residence

9. مسافري الائونس

Traveling allowance

10. سرٽيفڪيٽ جو فارم

Form of Certificate

11. هوائي حادثي جي صورت ۾ ادائگي

Compensation in case of air accident

12. روزانو الائونس

Daily Allowance

13. ڪنٽرولنگ آفيسر

Controlling officer

14. طبي سهولتون

Medical Facilities

15. موڪل

Leave

16. ذاتي عملو

Personal Staff

17. عام

General

18. ٽيليفون

Telephone

19. دائره اختيار تي پابندي

Jurisdiction barred

20. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2005

# SINDH ACT NO.I OF 2005

## سنڌ خاص معاون (مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2003

## THE SINDH SPECIAL ASSISTANTS (APPOINTMENTS, POWERS, FUNCTIONS, SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2003

[28 فيبروري 2005]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي وڏي وزير جي خاص صلاحڪارن جي مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتن بابت طئي ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص صلاحڪارن جي مقررين، اختيارن، ڪم، پگهارن، الائونسز ۽ مراعتن کي طئي ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ خاص معاون (مقرري، اختيار، ڪم، پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ پهرين جنوري 2003 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مفهوم يا مضمون

| | |
|---|---|
| جي متضاد نہ هجي، هيٺين اظهارن جي معنيٰ اهڙيءَ ريت هوندي، جيئن هيٺ ترتيبوار ڏنل آهي: | Definitions |
| (a) "چيف منسٽر" مطلب سنڌ جو وڏو وزير؛ | |
| (b) "ڪٽنب" مطلب زال ۽ ٻار جيڪي مڪمل پور گڏ رهندا هجن ۽ خاص صلاحڪار تي مڪمل نموني ڀاڙيندڙ هجن؛ | |
| (c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ | |
| (d) "بحال رکڻ" هڪ رهائش جي سلسلي ۾ ان ۾ شامل آهي مقامي اگهن ۾ ادائگي، ٽيڪس ۽ بجليءَ، پاڻي ۽ گئس جي فراهمي؛ | |
| (e) "سرڪاري رهائش" مطلب اهو گهر جيڪو وقت بوقت خاص صلاحڪار طرفان رهائش لاءِ استعمال ڪيو وڃي ۽ جنهن ۾ آئوٽ هائوسز ۽ گارڊن اپارٽمينٽس پڻ شامل آهن؛ | |
| (f) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛ ۽ | |
| (g) "خاص صلاحڪار" مطلب اهو ماڻهو جيڪو هن ايڪٽ تحت وڏي وزير جي خاص صلاحڪار طور مقرر ڪيو وڃي. | |
| 3.هن ايڪٽ جون گنجائشون تيستائين اثرائتيون هونديون جيستائين ڪجهه ڪنهن ٻئي قانون، وقتي طور لاڳو يا ڪنهن عدالت جي فيصلي، حڪم يا ڊڪري جي متضاد نہ هجي. | اثرانداز ٿيڻ<br>Overriding effect |
| 4.(1) وڏو وزير پنهنجي صوابديد ۾ وقت بوقت اهڙو انگ ماڻهن جو خاص صلاحڪار طور مقرر ڪري | مقرري ۽ آفيس جو مدو<br>Appointment and |

| | |
|---|---|
| سگھي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي، جيڪي وڏي وزير جي رضا سان عهدو رکي سگھندا. | term of office |
| (2) خاص صلاحڪار اهڙا سڀ اختيار استعمال ڪندا، جيڪي انهن کي منتقل ڪيا وڃن ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندا، جيڪي وڏي وزير طرفان انهن کي سونپيا وڃن. | |
| 5. خاص صلاحڪار جي پگھار پندرنهن هزار ماهوار هوندي. | پگھار<br>Salary |
| 6. خاص صلاحڪار ذاتي خرچ الائونس طور تي هزار ماهوار حاصل ڪندو. | ذاتي خرچ پکي جو الائونس<br>Sumptuary Allowance |
| 7. وڏي وزير جي خاص صلاحڪار کي هڪ سرڪاري ڪار عهدي جي مدت دوران استعمال لاءِ ڏني ويندي ۽ ان کان 15 ڏينهن پوءِ فوري طور، بشرطيڪ وڏو وزير بدعنواني جي بنياد تي عهدي تان هٽايل خاص صلاحڪار کان اها سهولت واپس وٺي سگھي ٿو. | ٽرانسپورٽ<br>Transport |
| 8. (1) هڪ خاص صلاحڪار کي بنا ڪرائي جي ادائگي جي سرڪاري رهائش استعمال لاءِ ڏني ويندي بشمول سموري مدي دوران دورن تي اڪوموڊيشن جي ۽ ان کان شروعاتي پندرنهن ڏينهن تائين ۽ انهن جي مرمت جي ادائگي بشمول بجلي ۽ گئس جي ادائگين جي حڪومت برداشت ڪندي، رهائش حڪومت طرفان آراسته ڪئي ويندي، جنهن جي قيمت فقط سٺ هزار رپيا هڪ عهدي جي مدت دوران رڳو هڪ دفعي لاءِ هوندي. | سرڪاري رهائش<br>Official Residence |

(2)جتي خاص صلاحڪار رهڻ جي چونڊ ڪري:
(i)پنهنجي ذاتي گهر ۾ يا
(ii)ان جي خاص صلاحڪار طور مقرري کان اڳ والاريل پاڙي جي گهر ۾
ان کي ڏهه هزار رپيا ماهوار سرڪاري طور تي مهيا ڪيا ويندا ۽ ان رهائش جي مرامت جا سمورا خرچ برداشت ڪيا ويندا. ان رهائش جي بجلي ۽ گئس جي ادائگين جي سلسلي ۾ اهي خرچ حڪومت برداشت ڪندي.

**مسافري الائونس**
**Traveling allowance**

9.(1)ان سلسلي ۾ جوڙيل گنجائشن موجب هڪ خاص صلاحڪار کي سرڪاري فرض لاءِ مسافري دوران فرسٽ گريڊ آفيسر طور ورتاءُ ڪيو ويندو.
(2) هڪ خاص صلاحڪار جيڪڏهن عوامي مفاد ۾ هجي ته هوائي سفر ڪري سگهي ٿو ان صورت ۾ کيس هيٺيون سهولتون ڏنيون ويندون:
(a)اڪانامي ڪلاس جو هوائي جهاز جو ڪرايو ڏنو ويندو؛
(b) ذاتي سامان جنهن جو وزن چاليهه ڪلوگرام تائين هجي، ان جو ڪرايو بشمول ايئر ڪمپني طرفان ڏني ويندڙ فري الائونس جي اهو به ڏنو ويندو؛
(c) پاڻ کي هوائي سفر لاءِ ادا ڪيل ايڪچوئل پريميم جي دعوي ڪري سگهندو، جنهن جي رقم هڪ لک رپين کان وڌيڪ نه هوندي.
(3)هڪ خاص صلاحڪار جيڪو سرڪار طرفان سونپيل ڪم لاءِ ريل ذريعي پاڪستان اندر سفر ڪندو، ان کي هيٺيون سهولتون ڏنيون ويندون:

(a) حڪومت جي خرچ تي:

(i)هڪ عام فرسٽ ڪم سيڪنڊ ڪلاس ڪيريج يا هڪ "بي" ڪلاس ٽورسٽ ڪار يا هڪ "اي" ڪلاس ٽورسٽ ڪار، جيڪڏهن "بي" ڪلاس ٽورسٽ ڪار دستياب ناهي؛ يا

(ii)جيڪڏهن مٿي (i) ۾ ڄاڻايل گاڏيون دستياب نہ آهن، يا انهن جي گهر ناهي ڪئي وئي تہ چار برٿ وارو فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ يا ٻن برٿ وارو ايئر ڪنڊيشنڊ (ڪوپ) ڪمپارٽمينٽ؛

(4)جڏهن هڪ خاص صلاحڪار سرڪاري طور ڏنل ڪم لاءِ عوامي مفاد ۾ روڊ ررستي اهڙن هنڌن وچ ۾ سفر ڪري ٿو، جيڪي ريل ذريعي ڳنڍيل آهن ۽ اهو روڊ رستي وچڙ جي چونڊ ڪري ٿو تہ ان کي ذيلي دفعہ (4) ۾ ڄاڻايل مراعتون ڏنيون وينديون، اهو اهڙي گاڏي ۾ سفر ڪري سگهي ٿو جيڪا حڪومت جي مالڪي يا سنڀال هيٺ نہ هجي، ان لاءِ وٺي سگهي ٿو:

(a)وقتي طور ملڻ لائق سفري الائونسز.

**سرٽيفڪيٽ جو فارم**
**Form of Certificate**

10.مسافري يا روزانو الائونس جي هر دعويٰ خاص صلاحڪار طرفان لکت سرٽيفڪيٽ جي صورت ۾ ڪئي ويندي، جيڪا سندس طرفان هيٺين ريت صحيح ٿيل هوندي:

"تصديق ٿي ڪجي تہ اهڙي رقم ٻين بلن جي صورت ۾ منهنجي طرفان دعويٰ نہ ڪئي وئي آهي يا ٻئي ڪنهن وسيلي ذريعي منهنجي طرفان ڪيرائي نہ وئي آهي."

**هوائي حادثي جي صورت ۾**

11. (1) جيڪڏهن خاص صلاحڪار سرڪاري ڊيوٽي

| | |
|---|---|
| تي هوائي رستي ڪنهن فلائيٽ، جيڪا شيڊولڊ هجي يا ان شيڊولڊ (بشمول حڪومت جي مالڪي هيٺ ڪنهن بہ قسم جي ايئر ڪرافٽ جي فلائيٽ جي) اهو ڪنهن حادثي ۾ فوت ٿي وڃي ٿو يا زخمي ٿئي ٿو تہ حڪومت ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ماڻهن کي فوتگي جي صورت ۾ ٽي سئو هزار رپين جي ادائگي ڪندي، ۽ زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ ساڳئي قسم جي ڪيسن ۾ حڪومت انشورنس ڪمپنين طرفان لاڳو رعايت جي معيارن موجب رقم طئي ڪندي. | ادائگي Compensation in case of air accident |
| (2) خاص صلاحڪار کي زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ ۽ فوتگي جي صورت ۾ رعايت واجب الادا هوندي، ان جي ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر يا ميمبرن، يا جيڪڏهن اتي اهڙو ڪو ميمبر نہ هجي، ٻيو ڪو ماڻهو يا ٻيا ماڻهو جيڪي اهڙيءَ ريت سندس طرفان نامزد ڪيا ويا هجن، يا اهڙي نامزدگيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ انهن جي وارثن کي: | |
| بشرطيڪ نامزد ڪيل سندس طرفان حاصل ڪيل رقم فوتيءَ جي وارثن ۾ ورهائيندو. | |
| (3)ذيلي دفعہ (2) تحت هڪ نامزدگي خاص صلاحڪار طرفان لکت ۾ صحيح ٿيل نوٽيس ذريعي ڪئي، ختم ڪئي يا تبديل ڪئي ويندي. | |
| 12. خاص صلاحڪار، جڏهن سرڪار طرفان سونپيل ٽوئر تي هجي، اهو ٽي سئو رپيا ڏهاڙي جي حساب سان روزانو الائونس حاصل ڪندو: | روزانو الائونس Daily Allowance |
| بشرطيڪ اهڙي ٽوئر جو عرصو اٺ ڪلاڪن کان | |

| | |
|---|---|
| گهٽ هجي تہ روزاني الائونس جو اڌ ان کي ڏنو ويندو. | |
| 13.ناٽي وارو وزير مسافري الائونس جي مقصدن لاءِ خاص صلاحڪارن جو ڪنٽرولنگ آفيسر هوندو. | ڪنٽرولنگ آفيسر<br>Controlling officer |
| 14.خاص صلاحڪار کي اسپيشل ميڊيڪل اٽينڊنس رولز 1950 تحت طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون. | طبي سهولتون<br>Medical Facilities |
| 15. (1)وڏو وزير خاص صلاحڪار کي ان جي عهدي جي مدت دوران ڪنهن بہ وقت يا بوقت بوقت غير حاضري جي موڪل ڏئي سگهي ٿو صحت جي هنگامي سببن جي ڪري يا نجي معاملن جي ڪري اهڙي وقت لاءِ جيڪڏهن عرصو ٽن مهينن کان وڌيڪ نہ هجي.<br>(2)خاص صلاحڪار جو موڪل جو الائونس ان جي پگهار برابر هوندو. | موڪل<br>Leave |
| 16.خاص صلاحڪار، سواءِ ان جي جڏهن اهو موڪل تي هجي، ان کي اهڙو ذاتي عملو حڪومت طرفان فراهم ڪيو ويندو. | ذاتي عملو<br>Personal Staff |
| 17. (1) سمورا جوڳا اپاءَ ورتا ويندا تہ خاص صلاحڪار کي فراهم ڪيل رهائشگاهہ، ٽرانسپورٽ ۽ فرنيچر خاص صلاحڪار اهڙيءَ حفاظت سان استعمال ڪيو آهي، جيئن ڪو شخص پنهنجي ملڪيت جي حفاظت ڪندو آهي.<br>(2)سرڪاري رهائشگاهہ ۾ فراهم ڪيل سموري فرنيچر ۽ سامان کي ورڪس ۽ سروسز کاتي طرفان سڃاڻپ جي مقصد لاءِ نشان لڳايا ويندا. | عام<br>General |

(3) جڏهن هڪ خاص صلاحڪار سرڪاري رهائشگاهه ۾ رهي ٿو اها ڄاڻايل ڪاتي جي لاڳاپيل عملدار جي ذميداري هوندي تہ اهو رهائشگاهہ ۾ موجود فرنيچر ۽ سامان جي ذميداري خاص صلاحڪار يا ان طرفان لکت ۾ مجاز بڻايل ڪنهن شخص حوالي ڪري ۽ اهڙي عملدار طرفان اهڙي گواهي تي صحيح ڪئي ويندي.

(4) جڏهن هڪ خاص صلاحڪار سرڪاري رهائشگاهہ خالي ڪرڻ وارو آهي تہ اهو ڄاڻايل ڪاتي جي لاڳاپيل عملدار کي آگاهہ ڪندو ۽ سرڪاري رهائشگاهہ جي فرنيچر ۽ سامان جي عملدار کي حوالگي جو انتظام ڪندو ۽ اهڙي گواهي ٺاهي ۽ ان تي صحيح ڪئي ويندي.

تيليفون
Telephone

18. خاص صلاحڪار کي آفيس ۾ هڪ سرڪاري تيليفون ۽ رهائشگاهہ تي هڪ سرڪاري تيليفون، ٻئي سرڪاري ۽ نجي مقصدن لاءِ مهيا ڪيون وينديون.
بشرطيڪ رهائشگاهہ تي لڳايل تيليفون جو خرچ هڪ هزار لوڪل ڪالز کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي.

دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

19. جيئن هن ايڪٽ ۾ تحفظ ڏنو ويو آهي، هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪو حڪم يا ڪارروائي، يا حڪومت طرفان جوڙيل قاعدن تي ڪنهن عدالت ۾ ڪو سوال نہ اٿاريو ويندو ۽ هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن فيصلي يا ان سلسلي ۾ مليل اختيارن تحت ڪنهن ڪارروائي، يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن جي سلسلي ۾ ڪو فيصلو نہ ويندو.

| | |
|---|---|
| 20.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | **قاعدا جوڙڻ جو اختيار** Power to make rules |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**